# دعوت اسلامي جو تعارف




پيشڪش

مرڪزي مجلس شوريٰ (دعوت اسلامي)

مكتبة المدينه
(دعوت اسلامي)

# دعوت اسلامي جو تعارف

پاران

مرڪزي مجلس شوريٰ

مجلس تراجِم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار ٿيو.


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

فون نمبر: 021-34921389-90-91

*E-mail: majlistarajim@dawateislami.net*

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# دعوتِ اسلامي جو تعارف

شيطان کيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو اول کان آخر تائين ضرور پڙهي وٺو. ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ اوهان پنهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس ڪندؤ.

## دُرُود شريف جي فضيلت

امامُ الصَّابرين، سيِّدُالشَّاڪِرين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جِبرئيل (عَلَيۡهِ السَّلَام) مون کي عرض ڪيو تہ ربّ تعالٰي فرمائي ٿو: اي محمد! (عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) ڇا توهان انهيءَ ڳالھ تي راضي نہ آهيو جو توهان جو اُمّتي توهان تي هڪ ڀيرو دُرود پاڪ موڪلي، آئون اُن تي رحمتون نازل ڪريان ۽ اوهان جي اُمّت مان ڪو هڪ ڀيرو سلام موڪلي، آئون مٿس ڏھ سلام موڪليان.

(مِشڪَاةُ المَصَابيح، ج 1 ص 189 حديث 928، دارالڪتب العلمية بيروت)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي ضرورت

الله ربُّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جو سيپاري 4 سوره اٰل عمران آيت نمبر 104 ۾ فرمان هدايت نشان آهي:

وَلۡتَكُنۡ مِّنۡكُمۡ اُمَّةٌ يَّدۡعُوۡنَ اِلَى الۡخَيۡرِ وَيَاۡمُرُوۡنَ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَيَنۡهَوۡنَ عَنِ الۡمُنۡكَرِ ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۱۰۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اوهان مان هڪ جماعت اهڙي هجڻ گهرجي جيڪا چڱائيءَ جي طرف سڏي ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڏي ۽ بُرائي کان روڪي ۽ اهي ئي ماڻهو مراد ماڻيندڙ آهن.

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحَنّان "تفسير نعيمي" جلد 4 صفحي 72 تي فرمائن ٿا: اي مسلمانو! توهان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

سڀني کي اهڙي جماعت هئڻ گهرجي يا اهڙي تنظيم بڻجو، يا اهڙي تنظيم بڻجي رهو، جيڪا تمام بگڙيل ماڻهن کي خير (يعني نيڪي) جي دعوت ڏئي، ڪافرن کي ايمان جي، فاسِقن کي تقويٰ جي، غافِلن کي بيداري جي، جاهِلن کي عِلم ۽ مَعرِفت جي، خشڪ مِزاجن کي لَذّتِ عِشق جي، سمهڻ وارن کي سجاڳي جي، ۽ چڱين ڳالهين، سنن عقيدن، سنن عملن جو زباني، قلمي، عملي قوت سان، نرمي سان، (حاڪم پنهنجي محڪوم ۽ ماتحت کي) گرمي سان حڪم ڏئي ۽ بُرين ڳالهين، بُرن عقيدن، بُرن ڪمن، بُرن خيالن کان ماڻهن کي زبان، دل، عمل، قلم ۽ تلوار سان (پنهنجي پنهنجي مَنصب جي مطابق) روڪي.

## نڍا وڏا سڀ مُبلغ آهن

مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: سڀئي مسلمان مُبلِّغ آهن، سڀني تي فرض آهي ته ماڻهن کي سنين ڳالهين جو حڪم ڏين ۽ بُرين ڳالهين کان روڪين. مطلب هي ته جيڪو شخص جيترو ڄاڻي ٿو اوترو ٻين اسلامي ڀائرن تائين پهچائي جنهن جي تائيد ۾ مُفسّر شهير، حڪيمُ الامّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان نقل ڪن ٿا ته نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ اٰيَةً يعني منهنجي طرفان پهچايو، جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي.

(صحيح بُخاري ج 2، ص 462، حديث 3461)

## "دعوتِ اسلامي" جو آغاز

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله ڪريم عَزَّوَجَلَّ محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

جي اُمَّت کي هر دور ۾ اهڙيون عظيم هستيون عطا فرمايون جن نه صرف پاڻ اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) جو مقدّس فريضو سهڻي نموني سان ادا ڪيو، بلڪ مسلمانن کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جو ذهن ڏنو. انهن مان هڪ هستي اميرِ اهلسنّت حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَاليه به آهن. جن 1401 ھ بمطابق سيپٽمبر 1981ع ۾ بابُ المدينه ڪراچي (پاڪستان) ۾ تبليغِ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "دعوت اسلامي" جي مدني ڪم جو آغاز ڪجهه اسلامي ڀائرن سان گڏجي ڪيو. پاڻ دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَاليه خوفِ خدا، عشقِ رسول، اِتباعِ قرآن و سنّت ۽ اِحياءِ سنّت جي جذبي، زُهد ۽ تقويٰ، عفو ۽ درگذر، صبر ۽ شڪر، عاجزي ۽ انڪساري، سادگي، اِخلاص، حُسن اخلاق، دنيا کان بي رغبتي، ايمان جي حفاظت جي فڪر، علم دين کي ڦهلائڻ، مسلمانن سان خير خواهي جهڙين عظيم صفتن ۾ اَسلاف جو نمونو آهن.[1] پاڻ دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَاليه هن مدني تحريڪ "دعوتِ اسلامي" جي ذريعي لکين مسلمانن خاص ڪري نوجوان اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي زندگين ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي، ڪيترائي بگڙيل نوجوان توبه ڪري سڌي راهه تي اچي ويا، بي نمازي نه صرف نمازي بلڪ نمازون پڙهائڻ وارا (يعني مسجد جا امام) بڻجي ويا، ماءُ پيءُ سان بُرو سلوڪ ڪرڻ وارا با ادب

(1) وڌيڪ معلومات جي لاءِ "تعارف اميراهلسنت" (ڇاپيل مڪتبةالمدينه) نالي ڪتاب جو مطالعو ڪريو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڑهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

بڻجي ويا، ڪُفر جي اُونداهين ۾ ڀٽڪڻ وارن کي اسلام جو نور نصيب ٿيو، يورپي ملڪن جي رنگينين کي ڏسڻ جا خواهش مند **ڪعبي شريف** ۽ **گنبذِ خضرٰي** جي زيارت لاءِ بيقرار رهڻ لڳا، دنيا جي فضول غمن ۾ تڙپڻ وارا فڪرِ آخرت جي مدني سوچ وارا بڻجي ويا، بي حيائي وارن رسالن ۽ واهيات ڊائجسٽن جا شوقين اهلسنت جي عالمن جا رسالا ۽ ٻين ديني ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ لڳا، تفريح خاطر سفر ڪرڻ جا عادي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪرڻ وارا بڻجي ويا ۽ فقط دنيا جي دولت جمع ڪرڻ کي زندگي جو مقصد سمجهڻ وارن هن **مدني مقصد** کي اپنائي ورتو تہ "**مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.**" (اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ)

## دعوت اسلامي 176 ملڪن ۾

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمتن، مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عنايتن، صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم جي برڪتن، اولياءِ عُظام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي نسبتن، عالمن ۽ مشائخن دَامَتْ فُيُوضُهم جي شفقتن ۽ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي ڏينهن رات جي ڪوشش جي نتيجي ۾ بابُ المدينہ ڪراچي مان شروع ٿيندڙ مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جو مدني پيغام ڏسندي ئي ڏسندي بابُ الاسلام (سنڌ)، پنجاب، بلوچستان، خيبر پختونخواهہ، ڪشمير، ۽ پوءِ ملڪ کان ٻاهر هِند، عرب امارات، بنگلاديش، برطانيہ، آسٽريليا، ڪوريا، جنوبي افريقہ ۽ يورپي ملڪن ايسٽائين جو (هي سٽون لکڻ وقت) دنيا جي تقريبًا 176 ملڪن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

۾ پهچي ويو آهي ۽ اڳتي سفر جاري آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰہِ عَلٰی اِحْسَانِہٖ.

**اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ! اڄ (1434ھ ۾) **دعوتِ اسلامي** 80 ڪان وڌيڪ شعبن ۾ سنّتن جي خدمت ۾ مشغول آهي. سڄي دنيا ۾ هزارين جڳهن تي هفتيوار سنّتن ڀريا اجتماع ٿي رهيا آهن ۽ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارا بيشمار مُبلّغ ان مقدّس جذبي تحت اُمّت جي اصلاح جي ڪمن ۾ مصروف آهن ته **"مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي."** انشاءالله عَزَّوَجَلَّ

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## غير مسلمن ۾ تبليغ

شيخ طريقت، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه **محبت ڀري انفرادي** ڪوشش جي ذريعي هزارن جي تعداد ۾ اسلامي ڀائرن جي تربيت فرمائي ۽ انهن کي **"پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ"** جو جذبو ڏنو، انهن اسلامي ڀائرن بين اسلامي ڀائرن تي انفرادي ڪوشش ڪئي، ۽ ائين نيڪي جي دعوت جو اهو سلسلو وڌندو پيو وڃي. جتي لکين بي عمل مسلمان، نمازي ۽ سنّتن جا عادي بڻجي چڪا آهن اُتي مختلف ملڪن ۾ غير مسلم به دعوتِ اسلامي جي مبلغن جي هٿ تي اسلام قبول ڪندا رهن ٿا.

## غير مسلم جو قبولِ اسلام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز

فيضانِ مدينہ (بابُ المدينہ ڪراچي) ڪان عاشقانِ رسول جو هڪ 92 ڏينهن جو مدني قافلو ڪولمبو جي سفر تي هو. جنهن ڏينهن 30 ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي جي ضلعي ”ايرو“ ڏانهن سفر جي روانگي هئي، انهيءَ دوران هڪ اسلامي ڀاءُ هڪ غير مسلم نوجوان کي اميرِ قافلہ وٽ وٺي آيو. اميرِ قافلہ سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اعليٰ ڪردار جي باري ۾ ڪجھ مدني گل پيش ڪري ان کي اسلام جي دعوت پيش ڪئي. هن ڪجھ سوال ڪيا جنهن جا جواب ڏنا ويا. اَلحمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تقريبًا هڪ ڪلاڪ جي انفرادي ڪوشش ڪان پوءِ اُهو غير مسلم اسلام قبول ڪري مسلمان ٿي ويو.

(فيضانِ سنّت، باب آداب طعام، ج 1 ص 261)

الله عَزَّوَجَلَّ سڀني نون مسلمانن کي ۽ انهن جي صدقي اسان سڀني کي اسلام تي استِقامت نصيب فرمائي. اٰمين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قافلا

دعوتِ اسلامي جي آغاز ڪان ئي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بزرگانِ دين جي پيروي ۾ راهِ خدا ۾ سفر ڪندا هئا. ڏينهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا بيان ڪندا هئا ۽ بسن، ريل گاڏين ۾ سفر ڪري مسجد مسجد، ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر پاڻ تشريف وٺي ويندا هئا. باب المدينہ (ڪراچي) ۾ گهڻو ڪري سندن ماني وارو ٽِفِن بہ گڏ هوندو هئن، ايسٽائين جو عام طور تي لوٽ واري ڏٻي بلڪہ اڪثر ڪري پاڻي بہ گڏ رکندا هئا جو ڪنهن ڪان سوال ڪرڻو نہ پئجي وڃي. شروع ۾ اڪثر ائين ٿيندو هو جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

رڪشي يا ٽيڪسي جي ڪرائي ادا ڪرڻ جي طاقت نه هئڻ جي ڪري آڌي رات جو پنج يا ڇهه ڪلو ميٽر پيادو هلي ڪري گهر اچڻو پوندو هو. پاڻ دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَاليه نيڪي جي دعوت ڏيڻ سان گڏوگڏ مريضن جي عيادت ڪندا هئا، ويجهو پري وجي جنازن ۾ شرڪت فرمائيندا هئا ۽ خوشي، غمي جي موقعن تي مسلمانن جي اهڙي دلجوئي فرمائيندا جو اُهي به متاثر ٿي ويندا هئا. ائين اهو سلسلو وڌندي وڌندي هاڻي ايستائين پهچي چڪو آهي جو عاشقانِ رسول جا سنتن جي تربيت جا بيشمار مدني قافلا مُلڪ مُلڪ، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ 3 ڏينهن 12 ڏينهن 30 ڏينهن بلڪ 12 ۽ 26 مهينن جي لاءِ به سفر ڪري علمِ دين ۽ سنتن جون بهارون لٽائي رهيا آهن ۽ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائي رهيا آهن.

## نوراني چهرا ڏسي مسلمان ٿي ويس

1425هه (جنوري 2005ع) ۾ دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي نگران ۽ مجلس بيرون ملڪ جي ڪجهه ارڪان وغيره جو مدني قافلو باب المدينه (ڪراچي پاڪستان) کان سفر ڪري ساؤٿ افريقه پهتو، انهيءَ دوران دعوت اسلامي جي مدني مرڪز فيضان مدينه ٺاهڻ جي لاءِ جڳهه ڏسڻ جي لاءِ اهو قافلو هڪ جڳهه تي ويو، اتي پهرين کان موجود اسلامي ڀائرن مدني قافلي جو گرم جوشي سان استقبال ڪيو، ان جڳهه جو مالڪ جيڪو غير مسلم هو، عِمامن ۽ ڏاڙهي سان جڳمڳ ۽ نوراني چهرن واري عاشقانِ رسول جي جلوَن ۽ الله الله جي پُر ڪيف صدائن کان متاثر ٿيو ۽ بيقرار ٿي ڪري اڳتي وڌيو ۽ نگرانِ شوريٰ کي چوڻ لڳو: ”مون کي

مسلمان ڪريو.“ ان ڪي فوراً نصراني مذهب کان توبهه ڪرائي ڪلمو شريف پڙهائي مسلمان ڪيو ويو، اسلامي ڀائرن جي خوشي جي انتها نه رهي، الله الله جي زوردار صدائن سان فضا ۾ عجيب رونق اچي ويئي. (فيضان سنت، باب آداب طعام ج 1 ص 409)

مدينه: مدني قافلي جي وڌيڪ بهارن ۽ ٻئي معلومات جي لاءِ ”فيضانِ سنّت جلد اول“ ۽ ”دعوت اسلامي جون مدني بهارون“ مڪتبة المدينه جي ڪنهن به شاخ تان هديو ڏئي حاصل ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني تربيت گاهون

اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي خواهش مطابق **نيڪي جي دعوت** کي مُؤَثّر انداز ۾ عام ڪرڻ جي لاءِ ڪيترين ئي جڳهن تي تربيت گاهون قائم آهن جن ۾ ويجهي، پري کان اسلامي ڀائر اچي قيام ڪندا آهن، ۽ عاشقانِ رسول جي صُحبت ۾ سنّتن جي تربيت حاصل ڪندا آهن ۽ پوءِ پَر پاسي وڃي ڪري ”نيڪي جي دعوت“ جا مدني گُل مهڪائيندا آهن. مدني تربيت گاهن ۾ هر وقت اسلامي ڀائر موجود هوندا آهن، راهِ خداعَزَّوَجَلَّ ۾ ڪجهه ڪلاڪ ڏيڻ وارو به هتان علمِ دين جا مدني گُل چُونڊي سگهي ٿو.

## مسجدن جي تعمير

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي تمنا آهي ته اسان جون مسجدون آباد ٿين، انهن جون رونقون موٽي اچن ۽ پراڻيون مسجدون آباد ڪرڻ جي ڪوشش سان گڏوگڏ نيون مسجدون به

تعمير ڪيون وڃن. اهڙي طرح ان سلسلي ۾ ”**مجلسِ خُدّامُ المَساجِد**“ قائم آهي، مسجدن جي تعمير جو سلسلو هر وقت جاري رهي ٿو. **اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ ڪيترائي مدني مرڪز ”فيضان مدينہ“ جي نالي سان قائم ٿي چڪا آهن ۽ دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي اجازت سان ان جون وڌيڪ ترڪيبون جاري آهن.

سنّت کی بہار آئی فیضانِ مدینہ میں
رَحمت کی گھٹا چھائی فیضانِ مدینہ میں

دعوت اسلامي جي مرڪزن جي تعميرات، جامِعة المدينہ، مدارِس المدينہ ۽ ٻين مدني ڪمن جا اخراجات مسلمانن جي مدني عطيات جي ذريعي پورا ڪيا وڃن ٿا. پر هر ماڻهو ڪي چندو ڪرڻ وغيره جي اجازت ناهي، ان جي لاءِ دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جي اجازت ضروري آهي.

## مسجدن جا امام

بيشمار مسجدون اهڙيون آهن جن جون ڪميٽيون امامن، مؤذّنن ۽ خادمن جي پگهارن جو بهتر انتظام نٿيون ڪري سگهن. تنهن ڪري! انهن جي خيرخواهي ۾ پگهارن جي ادائيگي جو بہ دعوت اسلامي جي طرفان سلسلو آهي.

## گُونگا، ٻوڙا ۽ نابين اسلامي ڀائر

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِیَه جي فيضان سان عام اسلامي ڀائرن سان گڏ خُصوصي يعني گونگا، ٻوڙا ۽ نابين اسلامي ڀائر بہ فيضياب ٿين ٿا. هي اُهي ماڻهو آهن جن کي عام طور تي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

معاشري ۾ ڪو اهميت نٿو ڏئي. علمِ دين نه هجڻ ۽ نيڪ صحبت کان پري هجڻ جي سبب ڪي ته ضروري معلومات کان به محروم هوندا آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اميرِ اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَاليه جي تربيت ۽ "مجلسِ خصوصي اسلامي ڀائر" جي ڪوشش جي نتيجي ۾ اڄ پاڪستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماعن ۾ خصوصي اسلامي ڀائرن جا حلقا لڳن ٿا، وڏين راتين ۾ ٿيڻ وارن سنتن ڀري اجتماعن ۽ رمضانُ المبارڪ جي اجتماعي اعتڪاف ۾ به انهن جي ترڪيب بڻائي ويندي آهي. جن ۾ باقاعده اشارن جي زبان ۾ نعت، بيان، ذِڪر ۽ دعا جي ترڪيب به هوندي آهي. اشارن جي زبان ۾ **نيڪي جي دعوت** جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ مُبَلِّغن کي 30 ڏينهن جو "قفلِ مدينه ڪورس" ڪرايو ويندو آهي ۽ گونگن، ٻوڙن ۽ نابين اسلامي ڀائرن جا مدني قافلا به سفر ڪندا آهن.

## غير مسلم جو اسلام قبول ڪرڻ

بابُ المدينه ڪراچي 2007ع ۾ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪرڻ وارن نابين اسلامي ڀائرن جو هڪ مدني قافلو مطلوبه مسجد تائين پهچڻ جي لاءِ بس ۾ سوار ٿيو، ان مدني قافلي ۾ ڪجهه عام اسلامي ڀائر به شامل هئا. اميرِ قافله پاسي ۾ ويٺل شخص تي انفرادي ڪوشش ڪندي ان جو نالو وغيره معلوم ڪيو ته اهو چوڻ لڳو: "آئون غير مسلم آهيان، مون اسلام جو مطالعو ڪيو آهي هن مذهب کان متاثر به آهيان پر اڄڪلهه مسلمانن جو بگڙيل ڪردار منهنجي اسلام قبول ڪرڻ ۾ رڪاوٽ آهي، جيتوڻيڪ آئون ڏسي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

رهيو آهيان تہ اوهان کي هڪ جهڙو (سفيد) لباس پاتل آهي، جڏهن بس ۾ چڙهيا تہ وڏي آواز سان سلام ڪيو[1] ۽ حيرت تہ ان ڳالهہ جي آهي جو اوهان سان گڏ نابين ماڻهن بہ مٿي تي سبز عمامو ۽ سفيد لباس ئي پائي رکيو آهي، انهن سيني جي چهرن تي ڏاڙهي بہ آهي.“

ان جي گفتگو ٻڌڻ کان پوءِ اميرِ قافلہ مختصر طور ”مجلس خصوصي اسلامي ڀائر“ جي باري ۾ ٻڌايو، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي دين اسلام جي لاءِ ڪيل عظيم خدمتن جو تذڪرو ڪيو ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جو تعارف بہ ڪرايو. پوءِ ان کي چيو تہ ”هي بي نور اسلامي ڀائر انهن بي عمل مسلمانن (جن کي ڏسي ڪري اوهان اسلام قبول ڪرڻ کان لنوائي رهيا آهيو) جي اصلاح جي لاءِ نڪتا آهن.“ اها ڳالهہ ٻڌي هو ايترو متاثر ٿيو جو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.

مدينه: گونگن، ٻوڙن ۽ انڌن اسلامي ڀائرن جون وڌيڪ مدني بهارون پڙهڻ جي لاءِ رسالو ”گونگا مبلغ“ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان هديو ڏئي طلب ڪريو.

## جيل خانا

عام طور تي قرآن ۽ سنت جي تعليم کان محروم ماڻهو ئي گهڻو ڪري نفس ۽ شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي قتل، غارتگري، دهشت گردي، ٽوڙ ڦوڙ، چوري، ڌاڙو، زِنا ڪاري، هيروئن وڪڻڻ ۽ جُوا وغيره جهڙن ناپسنديده ڌوهن ۾ مبتلا ٿي آخرڪار جيل جي

(1) بس وغيره ۾ جيئن تہ غير مسلم بہ هوندا آهن ۽ انهن کي سلام ڪرڻ جائز ڪونهي، تنهن ڪري صرف مسلمانن جي نيت سان سلام ڪرڻ گهرجي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڑهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

چوديواري ۾ مُقَيّد (يعني قيدي) ٿي ويندا آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ قيدين جي تعليم ۽ تربيت جي لاءِ جيل خانن ۾ بہ دعوت اسلامي جي **مجلس فيضانِ قرآن** جي ذريعي مدني ڪم جي ترڪيب آهي، ڪيترن ئي ڏاڙيلن ۽ عادي ڏوهارين جيل جي اندر ٿيڻ وارن مدني ڪمن کان متاثر ٿي توبهہ ڪئي، ۽ آزادي ماڻڻ کان پوءِ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن جا مسافر بڻجڻ ۽ سنتن ڀري زندگي گذارڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهن، آتشي هٿيارن ذريعي انڌا ڌند گوليون وسائڻ وارا هاڻي سنتن جا مدني گل وسائي رهيا آهن! مبلغن جي انفرادي ڪوششن سان ڪافر قيدي بہ اسلام قبول ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهن.

# قيدي جي اصلاح

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه تحرير فرمائن ٿا: ”دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي جيلن ۾ بہ ڌوم متل آهي، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ جيل ۾ ٻين تبليغي سرگرمين سان گڏ قيدين جي لاءِ قرآن جي تعليم ۽ شريعت ڪورس جو سلسلو بہ آهي. جن ڪي پوليس جي مار، جيل جي تنهائي، سوڙها ۽ تاريڪ در و ديوار نہ سُڌاري سگهيا اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول جي برڪتن سان اعتڪاف ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا، اهڙن جي اصلاحن جا واقعا بہ آهن. جيئن مشهور صوفي بزرگ بابا بُلّهي شاهہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي علائقي ضلعي قُصور پوسٽ آفس ڪُڏيان کان هڪ اسلامي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

پيڻ ڪجھ هن طرح جي تحرير موڪلي: ”مون کي بيوَھ ٿيندي اَٺ سال گذري چڪا آهن منهنجو هڪ ئي پٽ آهي، بُري صحبت جي سبب اهو لڙائي جهڳڙن جو عادي ٿي ويو ۽ هيروئن وڪڻڻ جي ڌنڌي ۾ پئجي ويو، سمجهائيندي هئس تہ مون کي گاريون ڏيندو ۽ ماريندو هو، هاءِ منهنجي جگر جو ٽڪڙو، نظر جو نور، دل جو سُرور، ٻڇڻ جي بدران منهنجي دل جو ناسور ٻڻجي ويو، ڪيترائي دفعا پوليس پڪڙي وني وئي، آئون جيئن تيئن ڪري ڇڏائي آڻيندي هيس، هن تي ڪيترائي ڪيس هئا، آخر ڪار ڪنهن ڪيس ۾ هن کي سزا ٻڌائي ويئي ۽ هو جيل جي لوهي سلاخن جي پنيان هليو ويو، تقريباً اَٺ مهينن کان پوءِ جڏهن هو ضمانت تي آزاد ٿي گهر آيو تہ اهو ڏسي ڪري آئون حيران رهجي ويس تہ ڇا هي خواب آهي يا حقيقت! ڳالھ ڳالھ تي مون کي گاريون ڏيڻ وارو ۽ مار ڪُٽ ڪرڻ وارو بد مزاج پٽ اڄ منهنجي قدمن ۾ ڪِري روئي روئي مون کان معافيون گُهري رهيو آهي.

ايتري ۾ مغرب جي اَذان جي صدا فضا ۾ گونجي ۽ هو نماز پڙهڻ جي لاءِ مسجد جي طرف روانو ٿي ويو. ان جي چهري تي تقدُّس جو نُور چمڪي رهيو هو ۽ انداز ۾ بہ ظاهري تبديلي هئي، ڪلھ تائين گاريون بڪڻ وارو نوجوان اڄ ڳالھ ڳالھ تي سُبحٰن الله، اَلحَمدُلله، مَاشَاءَالله ۽ اِنشاءَالله چئي رهيو آهي، هن جي زبان تي ذِڪر ۽ دُرُود جاري هيو، عشاء جي نماز جماعت سان ادا ڪرڻ کان پوءِ مسجد کان واپس اچي هو جلد ئي ليٽي پيو، آئون بہ سُمهي رهيس، رات تقريباً ٻہ وڳي جڏهن منهنجي اک کلي تہ ويجهي کٽ تي ستل

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

پٽ غائب هو! آئون گھبرائي اُٿي وينيس تہ ڪٿي وري جهيڙو ڪرڻ يا ڪنهن جو گھر اُجاڙڻ تہ ناهي ويو! پر جيئن ئي اڳڻ جي طرف نظر ويئي تہ ڇا ٿي ڏسان تہ منهنجو پُٽ مُصلو وڇائي خُشوع ۽ خُضوع سان تَهَجُّد ادا ڪري رهيو آهي. سلام ڦيرڻ ڪان پوءِ هو روئي روئي ڪري ربِّ ڪائنات جي بارگاهہ ۾ مُناجات (يعني دعا) ۾ مشغول ٿي ويو.

گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی بُری خصلتیں بھی چُھڑایا الٰہی
خطاؤں کو میری مِٹا یا الٰہی مجھے نیک خصلت بنا یا الٰہی
تجھے واسطہ سارے نبیوں کا مولا مری بخش دے ہر خطا یاالٰہی

پُٽ کي روئيندي، بيقرار ڏسي منهنجي دل پرجي آئي ۽ آئون روئيندي روئيندي پنهنجي لال سان چنبڙي ويس. ڪجھہ دير اسان ماءُ پٽ سُڏڪا ڀري روئندا رهياسين، جڏهن سڪون ٿيو تہ منهنجي پڇڻ تي هن انهيءَ حيرت انگيز تبديلي جي باري ۾ ٻڌايو تہ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي جيل ۾ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ملي ويو، جيل اندر دعوت اسلامي جا مبلغ باقاعده قرآن شريف، وُضُو، نماز ۽ سنتون سيکاريندا ۽ دعائون ياد ڪرائيندا آهن، عاشقانِ رسول جي انفرادي ڪوشش سان مون گناهن کان توبهہ ڪئي، اِهو ٻڌي ڪري منهنجي دل باغ باغ بلڪہ باغ مدينہ ٿي وئي. آئون دعوتِ اسلامي وارن جي شُڪر گذار آهيان جو انهن منهنجي نافرمان، عادي مُجرم ۽ نشي جي عادي پٽ کي اصلاح جو سامان فراهم ڪيو. دعوتِ اسلامي جو مون ڏکايل ماءُ تي ۽ اسان جي خاندان تي عظيم احسان آهي.

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويندو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو.** (طبراني)

منهنجي دعا آهي تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ تمام ڏڪايل مائرن جي اُنهن قيدي پٽن کي جيڪي جيلن جي اندر آهن دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول نصيب ڪري تہ جيئن اُهي ڏوهن ڪان منهن موڙي وٺن ۽ سنتن سان رشتو جوڙي وٺن.

**مدينه:** اهڙي طرح جون وڌيڪ بهارون پڙهڻ جي لاءِ رسالو "**دعوت اسلامي جون جيلن ۾ خدمتون**" مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان هديو ڏئي حاصل ڪريو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# اِجتماعي اِعتِڪاف

دعوت اسلامي جي مدني ماحول ڪان بہ يا ٽي سال پهرين **رمضان المُبارڪ ۾ اميرِ اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه **نور مسجد ڪاغذي بازار** مٺادر باب المدينہ ڪراچي (جتي پاڻ امامت بہ فرمائيندا هئا) **اڪيلي** اعتڪاف ڪيو. پوءِ اڳئين سال سندن انفرادي ڪوشش سان وڌيڪ بہ اسلامي ڀائر ساڻن گڏ اعتڪاف ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا. اميرِ اهلسنت جي خوش اخلاقي جي عادت ۽ انفرادي ڪوشش جي برڪت سان هڪ سال اهڙو آيو جو اعتڪاف ڪندڙن جو تعداد 28 تائين پهچي ويو، ان اِجتماعي اِعتِڪاف جي پري پري تائين ڌوم مچي ويئي جو 28 ۽ اُهي بہ نوجوان اسلامي ڀائر اعتڪاف ۾ وينل آهن اهڙي طرح ماڻهو باقاعده انهن عاشقانِ رسول جي زيارت جي لاءِ ايندا هئا. **اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ اُنهيءَ سال دعوتِ اسلامي جو سج اُڀريو ۽ دعوت اسلامي جي پهرين مدني مرڪز گلزار حبيب مسجد (گلستان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

اوڪاڙوي، باب المدينہ ڪراچي) ۾ دعوت اسلامي جي تحت پهريون اجتماعي اعتڪاف ڪيو ويو، تقريباً 60 اسلامي ڀائرن اميرِاهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اهو سلسلو وڌندي وڌندي (هي سٽون لکڻ تائين) نہ صرف پاڪستان بلڪ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پهچي ويو آهي، ائين دنيا جي بيشمار مسجدن ۾ رَمَضانُ المبارڪ ۾ 30 ڏينهن، ۽ آخري عشري جي اجتماعي اعتڪاف جو اهتمام ڪيو ويندو آهي ان ۾ هزارين اسلامي ڀائر مُعتَكِف ٿي ٻين عبادتن سان گڏوگڏ علمِ دين حاصل ڪندا آهن ۽ سنّتن جي تربيت ماڻيندا آهن، ۽ ڪيترائي مُعتكِف اسلامي ڀائر رمضان المبارڪ جي پڄاڻي تي يعني چنڊ رات ڪان ئي عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن جي تربيت جي مدني قافلن جا مسافر بڻجي ويندا آهن. بي شمار اسلامي ڀينرون بہ پنهنجي پنهنجي گهرن جي ”مسجد بيت“ ۾ اِعتِڪاف جي سعادت حاصل ڪنديون آهن، ڪيئي اسلامي ڀينرون انهن جي صحبت ۾ رهي ڪري سنتن جي تربيت حاصل ڪنديون آهن.

مدينه: اجتماعي اعتڪاف جون بهارون پڙهڻ جي لاءِ ”فيضان سنّت“ ۽ ”دعوت اسلامي جون مدني بهارون“ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان هديو ڏئي طلب ڪريو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اسلامي ڀينرن ۾ مدني انقلاب

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! لکين اسلامي ڀينرن بہ اميرِ اهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي پياري تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني پيغام کي قبول

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

ڪيو، فيشن پرستي، فحاشي ۽ عرياني سان ڀريل معاشري ۾ پرورش پائڻ واريون بي شمار اسلامي ڀينرون گناهن جي وادين مان نڪري اُمَّهاتُ المُومِنِين ۽ شهزاديءِ ڪونين بيبي فاطمہ الزهرا رَضِیَ اللّٰہ عَنھُنَّ جون ديوانيون بڻجي ويون، ڳچيءَ ۾ رئو لڙڪائي شاپنگ سينٽرن ۽ مخلوط تفريح گاهن ۾ پٽڪڻ وارين ۽ نائيٽ ڪلبن، سينيما گهرن جي زينت بڻجڻ وارين کي ڪربلا وارين عِفت مآب شهزادين رَضِیَ اللّٰہ عَنھُنَّ جي شرم ۽ حياء جون اهي برڪتون نصيب ٿيون جو مدني برقعو انهن جي لباس جو اهم حصو بڻجي ويو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ بيشمار جڳهن تي اسلامي ڀينرن جا بہ شرعي پردي جي پابندي سان هفتيوار سنتن ڀريا اجتماع ٿين ٿا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني مُنين ۽ اسلامي ڀينرن کي قرآن پاڪ حِفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏيڻ جي لاءِ ڪيترائي مدارس المدينہ ۽ عالِمہ بڻائڻ جي لاءِ ڪيترائي ”جامعات المدينہ“ قائم آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي ۾ ”حافِظائن ۽ مَدَنِيّہ عالِمائن“ جو تعداد وڌندو پيو وڃي، بهرحال اسلامي ڀائرن کان اسلامي ڀينرون بہ ڪنهن طرح پٺتي ناهن.

## اسلامي ڀينرن جي ماهوار ڪارڪردگي جي هڪ جهلڪ

نموني طور 1433ھ جي مدني مهيني ربيعُ الاول (فيبروري 2012ع) ۾ پاڪستان ۾ ٿيڻ وارن دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي اسلامي ڀينرن جي ”مجلسِ مشاورت“ جي طرفان ملڻ واري ڪارڪردگي جي هڪ جهلڪ ملاحظہ ڪيو: (1) گهر درس تقريباً 52157 (2) روزانو لڳڻ واري مدرسة المدينہ (بالغات) جو تعداد لڳ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

پڳ 2645 ۽ انهيءَ مان فائدو حاصل ڪرڻ وارين جو تعداد تقريباً 30136 (3) علاقائي سطح جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماعن جو تعداد تقريباً 4521 ان ۾ شريڪ ٿيڻ واريون لڳ ڀڳ 115175 (4) هفتيوار تربيتي حلقن جو تعداد تقريباً 6375.

مری جس قدر ہیں بہنیں، سبھی مدنی بُرقع پہنیں
ہو کرم شہِ زمانہ مَدَنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اسي ماحول نے ادنيٰ کو اعليٰ کرديا ديکھو

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ والدين جي تمام گهڻي اصرار تي مون قرآن شريف حِفظ ڪرڻ جي سعادت تہ حاصل ڪري ورتي هئي پر پوءِ مون ان کي دهرائڻ ڇڏي ڏنو هو ان ڪري مائٽن کي سخت پريشاني هئي. ايتري عظيم سعادت حاصل ڪرڻ جي باوجود افسوس! منهنجي عملي ڪيفيت اها هئي جو آئون نمازن جي پابندي کان غافل هيس، نوان نوان فيشن اپنائڻ ۽ فلمي گانا ٻڌڻ جي تہ ايتري شوقين هيس جو هيڊ فون لڳائي ڪڏهن ڪڏهن سڄي سڄي رات گانا ٻڌڻ ۾ برباد ڪري ڇڏيندي هيس! ٽي وي جي تباه ڪارين مون کي بُري طرح پنهنجي وڪڙ ۾ ونئي ورتو هو، اهڙي طرح آئون فلمن ڊرامن ڏسڻ جي خوب شوقين هيس، خاص ڪري هڪ گُلوڪار جي گانن جي تہ ايتري قدر ديواني هيس جو منهنجون سهيليون مذاق ۾ چونديون هيون تہ هي تہ مرندي وقت بہ انهيءَ گلوڪار کي ياد ڪندي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

دم ڏيندي! صد ڪروڙ افسوس جو جيڪڏهن ان گلوڪار جو ڪو پروگرام نہ ڏسي سگهندي هيس تہ روئي روئي ڪري بُرو حال ڪري ڇڏيندي هيس، ايستائين جو ماني بہ نہ کائيندي هيس! قِصو مختصر منهنجا صبح ۽ شام ائين ئي گناهن ۾ گذري رهيا هئا. منهنجي ماميءَ دعوت اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي سنتن ڀريي اجتماعن ۾ شرڪت ڪندي هئي. اهي مون کي بہ اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏينديون هيون پر آئون ٽاري ڇڏيندي هيس. انهن جي مسلسل اِنفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ آخرڪار مون کي دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ٿي ئي ويئي، اجتماع ۾ ٿيڻ واري سنتن ڀريي بيان، ذِڪرُ الله ۽ رِقّت انگيز دعا مون تي تمام گهرو اثر ڪيو. هڪ حلقہ ذميدار اسلامي ڀيڻ مون تي تمام گهڻي شفقت فرمائينديون هيون، ۽ مون کي گهران سڏي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪرائينديون هيون. انهن جون مسلسل شفقتون منهنجي اصلاح جو ذريعو ٿيڻ لڳيون ايستائين جو فلمون، ڊراما ڏسڻ، ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ ۽ ٻين گناهن کان مون توبهہ ڪئي. مڪتبة المدينہ جي جاري ڪيل سنتن ڀريي بيانن جون ڪيسٽون ٻڌندي هيس تہ خوفِ خدا مان ڏڪي ويندي هيس تہ جيڪڏهن ائين ئي گناهہ ڪندي ڪندي موت اچي ويو تہ منهنجو ڇا ٿيندو؟ اهڙي ئي طرح مڪتبة المدينہ تان شايع ٿيڻ وارا ڪتاب ۽ رسالا پڙهي ڪري مون ۾ ذميداري جو احساس پيدا ٿيو ۽ آئون بہ اسلامي ڀينرن سان ملي ڪري **نيڪي جي دعوت** عام ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويس. ذميدار اسلامي ڀيڻ مون کي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.** (ابن عدي)

جيڪا بہ ذميداري ڏيندي هئي آئون نڀائڻ جي ڪوشش ڪندي هيس، ائين دعوت اسلامي جو ڪم ڪندي ڪندي **اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ علاقائي مشاورت جي خادمہ (يعني ذميدار) جي حيثيت سان دعوت اسلامي جي مدني ڪم کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان. **اَلحَمدُلله** عَزَّوَجَلَّ مفتيءِ دعوت اسلامي حافظ محمد فاروق العطاري المدني عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الغني جي طالب علمي جو واقعو آهي تہ پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه قرآن پاڪ جي ڪُل ست منزلن مان روزانو هڪ منزل تلاوت فرمائيندا هئا آئون بہ سندن پيروي ۾ روزانو هڪ منزل جي دهرائي ڪري هر ستن ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو قرآن پاڪ ختم ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهي آهيان، الله عَزَّوَجَلَّ استقامت ڏي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اِستقامت دین پر یا مصطفےٰ کر دو عطا
بہرِ خبّاب وبلال و آلِ یاسر یا نبی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# مدني انعامات

شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جن هن پُر فتن دور ۾ آساني سان نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي طريقي تي مشتمل شريعت ۽ طريقت جو جامع مجموعو "مدني انعامات" سوالن جي صورت ۾ عطا فرمايو آهي. اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، ديني شاگردن جي لاءِ 92، ديني شاگرديائڻين جي لاءِ 83 ۽ مدني منن، مدني منين جي لاءِ 40 ۽ خصوصي اسلامي ڀائرن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

(گونگن، ٻوڙن) جي لاءِ 27 مدني انعامات آهن. بيشمار اسلامي ڀائر، اسلامي ڀينرون ۽ شاگرد مدني انعامات جي مطابق عمل ڪري روزانو وقت مقرر ڪري ”فڪرِ مدينہ“ يعني پنهنجي عملن جو جائزو وٺي مدني انعامات جي رسالي ۾ ڏنل خانا پُر ڪندا آهن. انهن مدني انعامات کي اپنائڻ ڪان پوءِ نيڪ ٻڻجڻ ۽ گناهن ڪان بچڻ جي راهه ۾ اچڻ واريون رڪاوٽون الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان پري ٿي وينديون آهن ۽ ان جي برڪت سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سنتن جو پابند ٻڻجڻ، گناهن ڪان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جو فِڪر ڪرڻ جو ذهن بہ ٺهجي ٿو، سيني کي گهرجي تہ باڪردار مسلمان ٻڻجڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان مدني انعامات جو رسالو حاصل ڪريو ۽ روزانو فڪرِ مدينہ (يعني پنهنجو محاسبو ڪندي ان ۾ ڏنل خانا پُر ڪريو ۽ هجري سن جي مطابق هر مدني يعني قمري مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي مدني انعامات جي ذميدارڪي جمع ڪرائڻ جو معمول ٺاهيو.

## مدني انعامات جي عامِلن جي لاءِ هڪ عظيم بشارت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مدني انعامات جو رسالو پُر ڪرڻ وارا ڪيتري قدر خوش قسمت هوندا آهن ان جو اندازو هن مدني بهار مان لڳايو جيئن حيدرآباد (بابُ الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو هن طرح حلفيہ بيان آهي تہ رَجَبُ المُرَجَّب 1426ھ جي هڪ رات مون کي خواب ۾ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت جي عظيم سعادت ملي. مبارڪ چپن کي حرڪت ٿي ۽ رحمت جا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

گل ٽِڙڻ لڳا ۽ لفظ ڪجھ هيئن ترتيب ۾ آيا: ”جيڪو هن مهيني روزانو پابندي سان مدني انعامات جي باري ۾ فڪرِ مدينہ ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو.“

مَدَنی انعامات کی بھی مرحبا کیا بات ہے
قُربِ حق کے طالبوں کے واسطے سوغات ہے

(فيضان سنت باب فيضان رمضان ج 1 ص 1135)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني مذاڪرا

اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي صحبت حقيقت ۾ تمام وڏي نعمت آهي، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي صحبت مان فائدو حاصل ڪندي ڪيئي اسلامي ڀائر مختلف موقعن تي ٿيڻ وارن ”مدني مذاڪرن“ ۾ مختلف قسم جا مثال طور عقائد ۽ اعمال، فضائل ۽ مناقب، شريعت ۽ طريقت، تاريخ ۽ سيرت، سائنس ۽ طِب، اخلاقيات ۽ اسلامي معلومات، معاشي، معاشرتي ۽ تنظيمي معاملن ۽ ٻين ڪيترن ئي موضوعن جي باري ۾ سوال ڪندا آهن ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه انهن کي حڪمت ۽ عشقِ رسول سان ٽمٽار جوابن سان نوازيندا آهن ۽ عادت مطابق وقت بوقت صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! جي پياري صدا لڳائي حاضرين کي درود شريف پڙهڻ جي سعادت بہ عنايت فرمائيندا آهن.

## روحاني علاج ۽ اِستخارو

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مجلسِ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريہ جي تحت ڏکايل مسلمانن جو تعويذن جي ذريعي في سبيل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

الله علاج ڪيو ويندو آهي (انهن تعويذن جي امير اهلسنت، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي طرفان اجازت ڏنل آهي) ۽ اِستِخارو ڪرڻ جو بہ سلسلو آهي، روزانو هزارين مسلمان ان مان فائدو حاصل ڪندا آهن، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هن وقت مجلس جي طرفان بنا مبالغي لکين تعويذ، تعزيت، عيادت ۽ تسلي ناما موڪليا ويا آهن ۽ هڪ اندازي مطابق هن وقت تائين مجلس جي طرفان سڄي پاڪستان ۾ روزانو لڳڻ واري تعويذاتِ عطاريہ جا بستہ (اسلامي ڀائرن جا) تقريباً 600، ٻاهرين ملڪن ۾ 150 کان وڌيڪ، ماهوار مريضن جو اوسط تعداد 1،25،000 (هڪ لک پنجويهہ هزار)، ماهوار مڪتوبات عطاريہ (اهي هٿو هٿ (by hand)، ٽپال ذريعي، نيٽ ذريعي) (60،000 سٺ هزار کان وڌيڪ)، ماهوار تعويذات ۽ وِرد عطاريہ تقريباً 4 لک کان وڌيڪ، تعويذات عطاريہ جي بستن تان ماهوار تقريباً 100 کان وڌيڪ مدني قافلا (3 ڏينهن ) سفر ڪندا آهن ۽ تقريباً 10،000 (ڏهہ هزار) نوان اسلامي ڀائر هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪندا آهن، ماهانہ 26،000 (ڇويهہ هزار) کان وڌيڪ سلسلہ عاليہ، قادريہ، رضويہ، عطاريہ ۾ داخل ٿيڻ جو شرف حاصل ڪن ٿا.

تعويذن جي طلبگار اسلامي ڀائرن کي گهرجي تہ اهي پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت فرمائن ۽ اُتان تعويذات عطاريہ جي بستي (يعني اسٽال) تان تعويذ حاصل ڪن. تعويذات عطاريہ جون تمام گهڻيون بهارون آهن، جيئن

## دماغ جي رسولي

سکر (باب الاسلام سنڌ) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جو حلفيہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

بيان ڪجهه هن ريت آهي ته اسان جي علائقي ۾ هڪ شخص کي دماغ جي رسولي (يعني برين ٽيومر) هو، ان جا ٻه آپريشن ٿي چڪا هئا، ان جي حالت نهايت خراب هئي. ڊاڪٽرن به جواب ڏيئي ڇڏيو هو، ڪنهن ان کي تعويذاتِ عطاريه استعمال ڪرڻ جو مشورو ڏنو، پر مريض جي حالت مايوسي واري هجڻ جي ڪري گهر وارن خاص توجهه نه ڏنو هڪ ڏينهن انهن جو ننڍو ڀاءُ **مجلس مکتوبات و تعويذات عطاريه** جي بستي تي پريشاني جي حالت ۾ آيو ۽ روئيندي چوڻ لڳو: ”ڀاءُ جي حالت تمام گهڻي خراب ٿي ويئي آهي. لڳي ٿو شايد اڄ ڀاءُ جي زندگي جي آخري رات آهي، هو ڪنهن کي ڪونه ٿا سڃاڻن، ۽ ساهه به اُٽيل آهي، ڪو تعويذ ڏيو.“ مجلس جي اسلامي ڀائرن ان کي تسلي ڏني: ”اوهان مايوس نه ٿيو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ شفا ڏيڻ وارو آهي. اوهان هي **تعويذاتِ عطاريه** کڻي وڃو، انهن تعويذن جي برڪت سان ڪيترائي اهڙا مريض به شفا حاصل ڪري چڪا آهن جن کي ڊاڪٽرن لاعلاج قرار ڏيئي ڇڏيو هو.“

ٻئي ڏينهن ان جو ڀاءُ ٻيهر بستي تي آيو ته ان جي چهري تي خوشي جا آثار هئا. اُن ٻڌايو: ”مون گهر وڃي جيئن ئي تعويذ پنهنجي بيمار ڀاءُ جي مٿي تي ٻڌو ته سڀ گهر وارا حيران رهجي ويا جو ڪجهه ئي منٽن کان پوءِ ڀاءُ (جيڪو لڳو ٿي ته آخري ساهه کڻي رهيو آهي) اکيون کوليون ۽ گهر وارن کي ويهارڻ جو اشارو ڪيائين، جن ڪيس سهارو ڏيئي ويهاريو. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن ماني به کائڻ شروع ڪري ڏني آهي.“ ٻن ڏينهن کان پوءِ برين ٽيومر جي مرض ۾ مبتلا رهڻ وارو اسلامي ڀاءُ پنهنجي پيرن تي هلي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

**تعويذات عطاريہ جي بستي تي ذميدارن سان ملڻ آيو ۽ ٻڌايائين تہ** اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ **منهنجي طبيعت 75% فيصد صحيح ٿي ويئي آهي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مدينه: روحاني علاج جون وڌيڪ بهارون پڙهڻ جي لاءِ ”خوفناڪ بلا“ ”پُراسرار ڪتو“، ”سڳن واري ڪنوار“ ”خوش نصيب مريض“ نالي رسالا مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان هديو ڏئي طلب ڪريو.

# حاجين جي تربيت

حج جي موسمِ بهار ۾ حاجي ڪيمپن ۾ **مجلس حج و عمره** (دعوت اسلامي) جي تحت دعوت اسلامي جا مبلغ حاجين جي تربيت ڪندا آهن. حج ۽ زيارت مدينہ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّ تَعظِيمًا ۾ رهنمائي جي لاءِ مديني جي مسافرن ڪي حج بابت ڪتاب مثال طور رفيقُ الحَرَمَين ۽ رفيقُ المُعتَمِرين بہ مفت پيش ڪيا ويندا آهن.

# تعليمي ادارا

شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه فرمائن ٿا: ”شاگرد ملڪ ۽ قوم جو قيمتي سرمايو هوندا آهن مستقبل ۾ قوم جو ڪار وهنوار اهي ئي سنڀاليندا آهن، جيڪڏهن انهن جي شريعت ۽ سنت جي مطابق تربيت ڪئي وڃي تہ سڄو معاشرو خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ جو گهوارو بڻجي ويندو، تعليمي ادارن مثلاً ديني مدرسن، اسڪولن، ڪاليجن، ۽ يونيورسٽين جي استادن ۽ شاگردن ڪي مٺي مٺي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنتن ڪان واقف ڪرائڻ جي لاءِ بہ مدني ڪم تي رهيو آهي، بيشمار شاگرد سنتن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

پريي اجتماعن ۾ شرڪت ڪندا آهن ۽ مدني قافلن جا مسافر بہ بڻجندا رهندا آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪيترائي دنياوي علم جا شوقين بي عمل شاگرد، نمازي ۽ سنتن جا عادي ٿي ويا. موڪلن جي ڏينهن ۾ ديني تربيت جي لاءِ ”فيضان قرآن و حديث ڪورس“ جي بہ ترڪيب ڪئي ويندي آهي.

## جامعات المدينہ

دعوت اسلامي جي تحت جامعة المدينہ جي سڀ کان پهرين شاخ 1995ع ۾ نيو ڪراچي جي علائقي مدرسة المدينہ گودهرا ڪالوني (باب المدينہ ڪراچي) جي بي منزل ۾ کولي وئي. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو جامعة المدينہ جون وڌيڪ شاخون کلنديون ويون. هن وقت (30 ربيعُ النّور 1433 ھ) 176 جامعات ”جامعة المدينہ“ جي نالي سان قائم آهن. انهن جي ذريعي تقريباً 7000 اسلامي ڀائرن کي (ضرورت جي مطابق قيام ۽ طعام جي سهولتن سان) ”درِس نظامي“ (يعني عالم ڪورس) ۽ تقريباً 3500 اسلامي ڀينرن کي ”عالمہ ڪورس“ جي مفت تعليم ڏني پئي وڃي. اهلسنّت جي مدرسن جي ملڪي اداري ”تنظيمُ المَدارس“ (پاڪستان) جي طرفان ٿيندڙ امتحانن ۾ ڪافي عرصي کان تقريباً هر سال ”دعوت اسلامي“ جي جامعات جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون پوري پاڪستان ۾ نمايان ڪاميابي حاصل ڪري اڪثر ڪري پهرين، ٻئي، ۽ ٽئين پوزيشن حاصل ڪن ٿا. جامعة المدينہ کان فراغت جي سند حاصل ڪرڻ وارن عالمن جي نالي سان گڏ ”مدني“ لکيو ۽ چيو ويندو آهي.

## مدارسُ المدينه

حِفظ ۽ ناظره جا بي شمار مدرسا ”مدرسةُ المدينہ“ جي نالي سان

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي.** (عبدالرزاق)

قائم آهن پاڪستان ۾ مدرسةُ المدينہ (للبَنين و للبَنات) هن وقت تائين تقريباً 1108 ۽ انهن ۾ 72،000 (ٻاهتر هزار) مدني مُنن ۽ مدني مُنين کي حِفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏني پئي وڃي.

## مدارِسُ المدينه (بالغان)

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي تحت مختلف مسجدن وغيره ۾ عام طور تي عشاء جي نماز کان پوءِ هزارين مدرسةُ المدينہ (بالغان) جي ترڪيب هوندي آهي جن ۾ مُبَلّغ اسلامي ڀائر صحيح مَخارِج سان ۽ حروف جي درست ادائيگي سان قرآن شريف سڪندا ۽ دعائون ياد ڪندا آهن، ۽ پنهنجي نمازن جي اصلاح ڪندا ۽ سنتن جي مفت تعليم حاصل ڪندا آهن.

## شفا خانا

محدود پيماني تي شفا خانا بہ قائم آهن جتي بيمار شاگردن ۽ مدني عملي (يعني اسٽاف) جو مفت علاج ڪيو ويندو آهي. ضرورتاً مريضن کي داخل بہ ڪيو ويندو آهي، ۽ ضرورت مطابق وڏن اسپتالن جي ذريعي بہ علاج جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي. عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي ۾ ٻارهن بسترن تي مشتمل مُسۡتَشۡفيٰ (يعني اسپتال) موجود آهي، جتي طبي امداد جو مناسب انتظام آهي.

## تَخَصُّص فِي الفِقه

دعوت اسلامي کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ هن جي ”جامعة

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

المدينہ“ ۾ دوره حديث کان پوءِ جيّد عالم سڳورن جي نگراني ۾ تَخَصُّص في الفِقه ڪرايو ويندو آهي جنهن جي مدت بہ سال آهي، جنهن ۾ ڪيترائي عالم سڳورا اِفتا جي تربيت حاصل ڪري رهيا آهن، هن ڪورس ۾ داخلا جي لاءِ بہ باقاعده ٽيسٽ ورتي ويندي آهي، ان ۾ تعليم حاصل ڪرڻ وارن شاگردن سان اِجارو ڪيو ويندو آهي تہ جيئن اهي پنهنجي معاشي پريشانين کان آجا ٿي مفتي ڪورس ڪري سگهن. في الحال اهو ڪورس جامعة المدينہ فيضان مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ ڪرايو وڃي ٿو، ان ۾ تربيت حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي طور تي فتاويٰ رضويہ (مڪمل 30 جلد) بهار شريعت (20 حصا) جو مطالعو ڪرڻ کان علاوه اُردو ۾ ڇپجندڙ اهلسنت جي مفتيان ڪرام جي فتوائن جا ڪيترائي ڪتاب ضرور پڙهڻا هوندا آهن ۽ جيڪو مفتين سڳورن جي نگراني ۾ 1200 فتويٰ لکي وٺي انهي کي مُتَخَصِّص فِي الفِقه جي سند جاري ڪئي ويندي آهي، وڌيڪ 1400 فتوائون تحريرڪرڻ واري کي ”نائب مفتي“ جو منصب ملندو ۽ پوءِ وري 1400 فتوائون لکڻ تي دعوت اسلامي جي مجلسِ اِفتا جي منظوري جي صورت ۾ ”مفتي و مُصَدِّق“ (يعني فتويٰ جي تصديق ڪرڻ جو اهل) قرار ڏنو ويندو آهي. هڪ سال جي تَخَصُّص فِي الفُنُون و توقِيت جي ڪورس جو سلسلو بہ آهي.

## مجلسِ تحقيقاتِ شرعِيّہ

مسلمانن کي پيش ايندڙ جديد مسئلن جي حل جي لاءِ ”مجلس تحقيقات شرعيہ“ قائم آهي جيڪا دعوت اسلامي جي مبلغ عالمن ۽ مفتين سڳورن تي مشتمل آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

## دارُالافتاء اهلسنت

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سڄي ملڪ ۾ مختلف جڳهن تي دارُالاِفتاء اهلسنت قائم آهن جتي دعوت اسلامي سان لاڳاپيل مفتي سڳورا ۽ علماءِ اهلسنت مسلمانن جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف آهن، هن وقت تائين پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ موجود دارُالافتاء اهلسنت جي 10 شاخن مان ماهوار تقريباً پنجيتاليهه هزار (45000) کان وڌيڪ جواب جاري ٿي چڪا آهن (جن ۾ انٽرنيٽ تي جاري ٿيڻ واريون فتوائون به شامل آهن) اڪثر فتوائون ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪري ڏنيون وينديون آهن، ان کان علاوه هزارين اسلامي ڀائر ٽيليفون ذريعي ۽ روبرو پاڻ سان پيش آيل مسئلن جو حل حاصل ڪندا ۽ پنهنجي معاملن کي شريعتِ مُطَهَّرَه جي مطابق ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان شعبي ۾ وڌيڪ ترقي جو سفر اڃا جاري آهي.

## انٽرنيٽ

دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net ۽ دعوت اسلامي جي مختلف شعبن جي ويب سائيٽن جي ذريعي اسلام جو پيغام سڄي دنيا ۾ عام ڪيو پيو وڃي.

## هٿوهٿ دارُالاِفتاء اهلِ سنّت

دعوتِ اسلامي جي Website ۾ دارُالاِفتاء اهلِ سنَّت تي سڄي دنيا جي مسلمانن جي طرفان پڇيل مسئلن جا جواب ڏنا وڃن ٿا، ڪافرن جي اسلام تي اعتراضن جا جواب ڏنا وڃن ٿا ۽ انهن کي

اسلام جي دعوت پيش ڪئي وڃي ٿي.

## مكتبةُ المدينه

انهيءَ اشاعتي اداري جي ذريعي اعلٰي حضرت رحمةُ الله تعالٰي عليه امیرِ اهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه ۽ ٻين اهلسُنَّت جي عالمن جا ڪتاب لکن جي تعداد ۾ ڇپجي عوام جي هٿن ۾ پهچي سنّتن جا مدني گُل عام ڪري رهيا آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي پنهنجي پريس به قائم ڪري ورتي آهي. ۽ پڻ سُنَّتن ڀرين بيانن ۽ مدني مُذاڪرن جون لکين ڪيسٽون ۽ VCDs به سڄي دنيا ۾ پهچي رهيون آهن.

## المدينةُ العِلميه

”اَلمَدينةُ العِلمِيّة“ جيڪا دعوتِ اسلامي جي عالمن ۽ مفتيانِ ڪرام ڪَثَّرَهُمَ اللهُ تعالٰي تي مشتمل آهي، جنهن خالص علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جو ذمو کنيو آهي. ان جا هيٺ ڏنل ڇهه شعبا آهن:

(1) شعبهء ڪُتُبِ اعليٰ حضرت رحمةالله تعاليٰ عليه (2) شعبهء درسي ڪُتُب
(3) شعبهء اِصلاحي ڪُتُب (4) شعبهء تراجمِ ڪُتُب
(5) شعبهء تفتيشِ ڪُتُب (6) شعبهء تَخرِيج

”اَلمَدينةُ العِلمِيّة“ جي پهرين ترجيح سرڪارِ اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان عَلَيه رَحمةُ الرَّحمٰن جي شاهڪار تصنيفن کي موجوده زماني جي تقاضائن مطابق آسان اُسلوب ۾ پيش ڪرڻ آهي.

## مجلس تفتيشِ ڪتبُ و رسائل

دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم جيئن جيئن ترقي ڪندو پيو وڃي تيئن تيئن مسلمانن ۾ ديني مُطالعي جو شوق وڌندو پيو وڃي، هڪ دور هو جڏهن عُلماءِ اهلسنّت جا لکيل ڪتاب کنهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

ديني اجتماع ۾ وڏي مشڪل سان ويهه ٽيهه وڪامندا هئا، هاڻي اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سون بلڪ هزارن جي تعداد ۾ وڪامجي رهيا آهن، نوان مڪتبا کُلي رهيا آهن. نوان نوان مصنف پنهنجي قلمي ڪاوشن کي منظرِ عام تي آڻي رهيا آهن. اڄڪلهه ڪاروباري اصول اهو آهي ته جڏهن ڪا شيءِ بازار ۾ هلي ٿي ته پوءِ ان جي معيار تي توجهه گهٽ ۽ ان جي مقدار وڌائڻ ۽ خوب ڪمائڻ تي ڌيان وڌيڪ ڏنو ويندو آهي. اهو ئي حال ڪتابن جي معاملي ۾ به ڏنو ويو، جو ڇپائي جي واضح غلطين سان ڀرپور ڪتاب به وڏي تعداد ۾ وڪامڻ لڳا. انهن تشويش ناڪ معاملن تي قابو پائڻ جي ڪوشش جي هڪ ڪڙي هي آهي ته دعوتِ اسلامي سان محبت ڪرڻ وارن سنّين جي مڪتبن ۽ جديد مصنّفن ۽ مؤلّفن جي هڪ تعداد کي گڏ ڪري انهن جو ڀرپور مدني مشورو ڪيو ويو ۽ ڪين غير محتاط ڪتاب ڇپجڻ سبب ڦهلجڻ واري متوقع گمراهي ۽ ٿيڻ واري گناهِ جاريه جو خوف ڏياريو ويو. اِن سان اُنهن تي تمام سنو اثر پيو. ۽ پوءِ غير محتاط ڪتاب ڇپجڻ سبب اُمّتِ مسلمه ۾ ڦهلجندڙ گمراهي ۽ ٿيڻ واري گناهِ جاريه کي روڪڻ جي لاءِ "**مجلس تفتيشِ ڪُتُب و رسائل**" قائم ڪئي وئي جيڪا مُصنفّن ۽ مؤلّفن جي ڪتابن کي عقيدن، ڪفريات، اخلاقيات، عربي عبارتن ۽ فقهي مسئلن جي حوالي سان جانچي سند جاري ڪندي آهي.

## مختلف ڪورسز

مُبلغن جي تربيت جي لاءِ مختلف ڪورسن جو بندوبست

ڪيو ويندو آهي مثال طور 41 ڏينهن جو مدني قافلہ ۽ مدني انعامات ڪورس، 63 ڏينهن جو تربيتي ڪورس، امامت ڪورس ۽ مدرّس ڪورس وغيره. اشارن جي زبان ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ مبلّغن کي اشارن جي زبان ۾ گفتگو ۽ بيان سيکارڻ جي لاءِ 30 ڏينهن جو قفلِ مدينہ ڪورس جو اهتمام بہ ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ باقاعده اشارن جي زبان ۾ نعت، بيان، ذِڪر ۽ دعا جي ترڪيب بہ سيکاري ويندي آهي.

## اِيصالِ ثواب

پنهنجي مرحوم عزيزن جا نالا لکرائي فيضانِ سنّت، نماز جا احڪام، اسلامي ڀينرن جي نماز ۽ ٻيا ننڍا وڏا ڪتاب تقسيم ڪرڻ جا خواهش مند اسلامي ڀائر مڪتبۃُ المدينه سان رابطو ڪندا آهن.

## شادي وهانءُ جي موقعي تي بستا

شادي، وهانءُ ۽ خوشي، غمي جي موقعن تي خاندان وارن جي طرفان مفت رسالا ۽ ڪتاب ورهائڻ جي لاءِ مڪتبۃُ المدينه جا بستا (اسٽال) لڳايا ويندا آهن اها خدمت مڪتبي جو مدني عملو پاڻ پيش ڪندو آهي اوهان صرف رابطو فرمايو.

## مجلسِ تراجم

مڪتبۃُ المدينه تان شايع ٿيڻ وارن مختلف ڪتابن ۽ رسالن جو مختلف زبانن ۾ ترجمو ڪري انهن کي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ موڪلڻ جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هن وقت دنيا جي تقريبًا 30 زبانن ۾ ترجمو ٿي رهيو آهي. جن مان ڪجھ هي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

**آهن:** (1) **عربي** (ARABIC) (2) **فارسي** (PERSIAN) (3) **فرانسيسي** (FRENCH) (4) **انگلش** (ENGLISH) (5) **هِندي** (HINDI) (6) **تامِل** (TAMIL) (7) **سنگالہ** (SINGLA) (8) **چائنيز** (CHINESE) (9) **سواهلي** (SWAHILI) (10) **گجراتي** (GUAJARATI) (11) **ڪريول** (CREOLE) (12) **جرمن** (GERMAN) (13) **اسپينش** (SPANISH) (14) **رشين** (RUSSIAN) (15) **بنگلا** (BANGLA) (16) **هائوسا** (HAUSA) (17) **پشتو** (PASHTO) (18) **سنڌي** (SINDHI)

# ٻاهرين ملڪن ۾ اجتماع

دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٻن ٻن ڏينهن جا سنّتن ڀريا اجتماع منعقد ڪيا ويندا آهن. جتي هزارين مقامي اسلامي ڀائر شرڪت ڪندا آهن، ۽ انهن اجتماعن جي برڪت سان ڪڏهن ڪڏهن غير مسلم، مسلمان ٿي ويندا آهن، انهن اجتماعن مان هٿو هٿ مدني قافلا راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر اختيار ڪندا آهن.

# تربيتي اجتماع

ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ ذميدارن جا ٻن يا ٽن ڏينهن جا تربيتي اجتماع منعقد ڪيا ويندا آهن جنهن ۾ هزارين ذميدار شرڪت ڪري مدني ڪم ڪي وڌيڪ بهتر انداز ۾ ڪرڻ جو عزم ڪري موٽندا آهن.

دعوتِ اسلامی کی قیّوم — سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اِس پہ فِدا ہو بچّہ بچّہ — یا اللہ میری جھولی بھر دے

# مدني چينل

پاڙي ۾ جيڪڏهن مَجوسي هوٽل کولي تہ هر ماڻهو کي اهو

سمجهائڻ تمام مشڪل ٿيندو ته ان ڪافر ڪان گوشت يا گوشت واري ڪا به غذا وٺي نه ڪائو جو گناهه ۽ حرام آهي، مناسب طريقو اِهو آهي ته ان پاڙي ۾ مسلمان جي هوٽل کولي وڃي جيڪڏهن ائين ڪري ورتو ته هاڻي سمجهائڻ آسان ٿيندو ته هُتي جي بجاءِ هتان ڪائو. اهڙي طرح ٽي.وي (T.V) جو معاملو آهي اڄ شايد ئي ڪو گهر T.V کان خالي هجي ۽ هر شعور رکندڙ مسلمان اهو ڄاڻي ٿو ته اسان جي معاشري جي تباهي ۾ T.V جو تمام اهم ڪردار آهي! دعوتِ اسلامي جي مبلّغن T.V جي تباهه ڪارين جي خلاف سني مهم هلائي پر خاطر خواهه ڪاميابي نه ملي، ڇو ته هزار مان تقريبًا نو سؤ نوانوي (999) ماڻهو T.V جا عادي ٿي چڪا آهن ۽ غالب اڪثريت دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي، برائي جي پرواهه بغير T.V ڏسڻ ۾ مشغول آهي. T.V ڏسڻ ۾ انهن جي ديوانگي جي حد تائين دلچسپي جي سبب شيطان انهن جي ڪردار سان گڏوگڏ اسلامي قدرن تي به حملو ڪري رهيو آهي. ابليس جي تحريڪ تي اسلام جو روپ ڌاري ڪي ماڻهو اسلام ڪي ماڊرن انداز ۾ پيش ڪرڻ جي مذموم ڪوشش ڪري رهيا آهن، اسلام جو حقيقي روح مسلمانن جي دلين مان ڪڍيو پيو وڃي. هاڻي جيڪڏهن اسان مسجدن وغيره ۾ T.V جون تباهه ڪاريون بيان ڪريون به ٿا، پهريان ته مشڪل سان 5 فيصد ماڻهو نماز پڙهندا آهن ۽ انهن مان به ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ئي مذهبي بيان ٻڌڻ ۾ دلچسپي وٺي ٿو، ۽ اسلامي ڀينرن ڪي ڪير بيان ٻڌائي؟ جيڪڏهن لٽريچر ڇاپيون ٿا ته ديني مطالعو ڪرڻ وارن جو تعداد مايوس ڪُن حد تائين گهٽ آهي! انهن خراب حالتن ۾ ان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

ڳالهه جو شدّت سان احساس ٿيو ته مسلمانن جي اصلاح جو دائرو جيڪڏهن صرف مسجدن ۽ اجتماعن وغيره جي حد تائين رکون ٿا ته امّت جي غالب اڪثريت تائين اسان جو درد ڀريو پيغام ئي نٿو پهچي، ۽ طاغوتي طاقتون لڳاتار پنهنجن مختلف چينلن جي ذريعي مسلمانن کي گمراهه ڪنديون ئي رهنديون. غالب گمان اهو ئي آهي ته مسلمانن جي گهرن مان T.V ڪيرائڻ ناممڪن آهي، بس هڪ ئي صورت نظر آئي ۽ اها هي ته جهڙي طرح دريا ۾ ٻوڏ ايندي آهي ته ان جو رخ فصلن وغيره جي طرف موڙيو ويندو آهي ته جيئن فصل به سيراب ٿين ۽ آبادين کي به تباهي کان بچائي سگهجي بلڪل انهيءَ طرح T.V ئي جي ذريعي مسلمانن جي گهرن ۾ داخل ٿجي ۽ انهن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪيو وڃي، گناهن ۽ گمراهين جي سيلاب کان انهن کي خبردار ڪيو وڃي. اهڙي طرح جڏهن خبر پئي ته پنهنجو T.V چينل کولي، فلمن ڊرامن، ڳائڻ وڄائڻ، موسيقي جي ڌُنن ۽ عورتن جي نمائش کان بچندي 100 فيصد اسلامي مواد فراهم ڪرڻ ممڪن آهي ته اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شُورٰي خوب جدوجهد ڪري رمضانُ المبارڪ 1429ھ (2008) کان مدني چينل جي ذريعي گهر گهر سنّتن جو پيغام عام ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ان جا حيرت انگيز مدني نتيجا اچڻ لڳا، يقينًا ان جي اها برڪت ته ٻار به سمجهي سگهي ٿو ته جيستائين مدني چينل گهر يا دفتر وغيره جي T.V ۾ هلندو رهندو گهٽ ۾ گهٽ ان وقت ته مسلمان ٻين گناهن ڀريل چينلن کان بچيل رهندا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان جي توقع کان وڌيڪ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

مدني چينل ڪي ڪاميابي ملي رهي آهي، ۽ دنيا جي مختلف هنڌن تان روزانو هزارين مبارڪبادين ۽ حوصلہ افزاين جا پيغام وصول ٿي رهيا آهن. انهن پيغامن ۾ هن طرح جون ڳالهيون بہ هونديون آهن تہ اسان مدني چينل ڏسي گناهن کان توبہ ڪئي آهي اسان نمازي ۽ سنّتن جا عادي ٿيندا پيا وڃون، بلڪ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ڪافرن جي اسلام قبول ڪرڻ جون بهارون وصول ٿي رهيون آهن. مدني چينل جون ٿي بهارون ملا حظہ فرمايو:

## (1) غير مسلم جو قبولِ اسلام

مرڪزالاولياء (لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجھ هيئن آهي تہ اسان جي علائقي ۾ هڪ ورڪشاپ هيو، ان ۾ هڪ T.V بہ رکيل هوندي هئي جنهن تي ڪاريگر مختلف چينل ڏسندا هئا. رمضانُ المبارڪ 1429ھ (2008) ۾ جڏهن دعوتِ اسلامي جو مدني چينل شروع ٿيو تہ انهن کي ڪجھ اهڙو پسند آيو جو ٻين سڀني چينلن جي بدران هاڻي مدني چينل ڏسڻ لڳا. انهن ڪاريگرن ۾ هڪ غير مسلم نوجوان بہ شامل هو اُهو بہ مدني چينل جي پُرسوز پروگرامن ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ صرف ٽن ڏينهن کان پوءِ اُهو چوڻ لڳو تہ آئون اميرِ اهلسنّت جي سادگي کان تمام متاثر ٿيو آهيان ۽ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.

ڪفر کے ايواں ميں مولیٰ ڈالدے يہ زلزلہ
يااِلٰہی ! تا ابد جاری رہے يہ سلسلہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

## (2) هاڻي مون کي گناهن پريا چينلز ڏسڻ ۾ شرم اچي ٿو

دعوتِ اسلامي جي هڪ مبلّغ جي بيان جو خلاصو آهي: هڪ اسلامي ڀيڻ، ان جا ٻار ۽ ٻارن جو پيءُ معاذالله عَزَّوَجَلَّ گناهن پريا T.V چينل ڏسڻ جا جنون جي حد تائين شوقين هئا، صبح اُٿندي ئي T.V هلائي ويندي هئي، موسيقي، بي حيا عورتن جي ناچ وغيره جا منظر هلندا رهندا هئا. ٻار ٻه اسڪول کان ايندي ئي T.V تي اهي بي حيائي وارا منظر ڏسڻ ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ 1429ھ (2008) جو رَمَضانُ المُبارک جڏهن برڪتون لُٽائڻ لڳو ته هڪ برڪت "مدني چينل" جي صورت ۾ ٻه ظاهر ٿي، جنهن عاشقانِ رسول جون دليون ناري ڇڏيون. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان اسلامي ڀيڻ جي گهر ۾ جتي هر وقت گناهن پريا چينل ڏنا ويندا هئا انهن وٽ هاڻي هر وقت مدني چينل هلڻ لڳو آهي جيڪڏهن ڪڏهن گناهن پريو چينل هلائيدو ٻه آهي ته فورًا بند ڪري وري مدني چينل جي ترڪيب بڻائي ويندي آهي. ان جي ٻارن جي پيءُ جو چوڻ آهي: هاڻي جڏهن گناهن پريو چينل لڳايان ٿو ته مون کي شرم محسوس ٿئي ٿو ڇو ته آئون عطاري آهيان ۽ منهنجا پير و مرشد "**مدني چينل**" تي جلوه فرما آهن ان حال ۾ هاڻي آئون ڪو ٻه بيهوده چينل ڪئين ڏسان!

مدنی چینل کی مہم ہے نفس وشیطاں کے خلاف
جو بھی دیکھے گا کریگا **ان شاءالله** اِعتراف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

## (3) شراب خانو بند ڪري ڇڏيو

مرڪزُالاولياء (لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهه هن ريت آهي ته اسان وٽ هڪ شخص بليرڊ ڪلب ڪولي رکيو هو جنهن جي آڙ ۾ شراب وڪڻڻ ۽ فحش فلمون ڏيکارڻ جو ڌنڌو به ڪندو هو. جڏهن رمضانُ المُبارڪ 1429ھ ۾ هن T.V تي دعوتِ اسلامي جي مدني چينل جا رقّت انگيز سلسلا (يعني پروگرام) ڏٺا ته ايترو متاثر ٿيو جو اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هن شراب وغيره جي ڪاروبار کان توبه ڪئي ۽ ٻن ڏينهن جي اندر اندر بليرڊ ڪلب ختم ڪري ڇڏيو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مدينه: مدني چينل جون وڌيڪ بهارون پڙهڻ جي لاءِ ”ڪرسچن جو قبولِ اسلام“ نالي رسالو مڪتبةُالمدينه جي ڪنهن به شاخ تان هديو ڏئي طلب ڪريو.

## مدرسة المدينه (آن لائن)

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! شوالُ المُکَرَّم 1432ھ بمطابق سيپٽمبر 2011 مجلس مدرسةُ المدينه آن لائن (Online) جو قيام عمل ۾ آندو ويو. ان شعبي جي تحت دنيا جي مختلف ملڪن کان اسلامي ڀائر انٽرنيٽ جي ذريعي نه صرف درست مَخارج سان فِي سبيلِ اللّٰهِ قرآن شريف پڙهڻ سکن ٿا بلڪ انهن کي بنيادي اسلامي معلومات، وضوء، غسل، تَيَمُّم، اَذان، نماز، زڪوٰة، روزو ۽ حج وغيره جا احڪام سيکارڻ جي ترڪيب به آهي.

## دارُ المدينه

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! دارُالمدينه جي نالي سان 25 صفرُالمُظَفَّر 1432ھ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب و ترهيب)

**بمطابق 31 جنوري 2011ع تي هڪ ٻيو نهايت اهم شعبو قائم ٿيو جنهن جو مقصد اُمتِ مصطفيٰ جي نوجوان نسل کي سنتن جو پيڪر بڻائيندي ديني ۽ دنياوي تعليم سان آراستہ ڪرڻ آهي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ”فيضانِ رضا“ جي آٽ اکرن جي نسبت سان دعوتِ اسلامي جا 8 مدني گُل

**از: شيخ طريقت اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مدينہ 1: دعوتِ اسلامي جو بنيادي مقصد اسلاميات کي دنيا جي ماڻهن تائين اهڙي طرح پڄائڻ آهي جو مبلّغ پاڻ بہ سنّتن تي عمل ڪندا رهن، ۽ مُناظرانہ ردّ ڪي هن فن جي ماهر علماءِ اهلسنّت تي ڇڏي تبليغ ۽ اشاعت جو ڪم ڪندا رهن.**

**مدينہ 2: اسلاميّات مان مُراد شهنشاهِ خوش خِصال، سلطانِ شيرين مقال، پيڪرِ حسن و جمال، مَخزنِ عظمت و ڪمال** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جا اهي اقوال ۽ افعال آهن جن تي حضرت سيّدنا امامِ اعظم ابو حنيفہ، حضرت سيدُنا امام مالڪ، حضرت سيدُنا امام شافعي، حضرت سيدُنا امام احمد بن حنبل** رَضِيَ اللّٰہُ تعالي عَنْہُم **قائم رهيا. حضرت سيدُنا امام ابو الحسن اشعري، سيدُنا امام ابو منصور ماتُريدي** رَضِيَ اللّٰہُ عَنْہُمَا **جنهن جي تعليم ڏيندا رهيا. سرڪارِ بغداد حضورِ غوثِ پاڪ حضرت سيدُنا شيخ عبدُالقادر جيلاني، سرڪار غريبِ نواز حُضُور سيّدُنا خواجہ معين الحقّ وَالدّين چشتي، حُضُور سيدُنا شيخ شهابُ الحق وَالدّين سُهروردي، حُضُور سيدُنا شيخ بهاءُالحقّ وَالدّين**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

نقشبندي رَضِيَ اللّٰهُ تعالي عَنۡهُمۡ اَجۡمَعِين جنهن جا عامل رهيا. عُلماءِ اهلسنّت مثلاً صاحبِ ردُّالمحتار، خاتمُ الفُقهاء، سيدُنا شيخ سيّد محمد امينُ الدين ابن عابدين شامي قدّس سرُّہُ السّامي، سيدنا شاھ مُلّان جيوَن هندي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ، سيدُنا شاھ عبدالعزيز مُحدِّثِ دهلوي (عَلَيہ رحمۃُ الله القوي) وغيرهم جنهن جا قائل رهيا، خصوصًا منهنجا وليءِ نعمت، اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مُجدّد دين و ملّت، حضرتِ علّامہ مولانا شاھ امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جن انهن جي تصريحات کي پنهنجي ڪتابن ۾ بيان ڪيو ۽ انهن کي اَلمُعتَمَدُ المُستَنَد، تمهيدُ الايمان ۽ حُسَامُ الحَرَمَين وغيره مفيد ڪتابن ۾ واضح فرمايو.

**مدينہ 3:** سيئي اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀينرون مسلڪِ اعليٰ حضرت تي مضبوطي سان قائم رهن، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جو مَسلَڪ اهو ئي آهي جيڪو صحابهءِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضۡوان ۽ سلف صالحينِ عِظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلام جو مَسلڪ هو، يعني **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ کي هڪ مڃي ڪري ان جي بندگي، ۽ شهنشاھِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، سُرورِ قلب و سينہ، فيضِ گنجينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ان جو موڪليل سچو ۽ آخري رسول مڃڻ، ۽ **اللّٰہ** ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت ۽ عظمت جي مڪمل پاسداري ڪرڻ، ضرورياتِ دين مان ڪنهن جو بہ انڪار نہ ڪرڻ، ۽ **اللّٰہ** و رسول و صحابهءِ ڪرام عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم و رَضِيَ اللّٰهُ تعالي عَنهُم وغيرهُم جي توهين و تنقِيص ڪان مڪمل پري ۽ گستاخن ڪان پري ۽ بيزار رهڻ، وغيره وغيره.

**مدينہ 4:** اسلام ۾ عُلماءِ حق جي تمام گهڻي اهميت آهي ۽ هو علمِ دين جي ڪري عوام ڪان افضل هوندا آهن، غيرِ عالم جي مقابلي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي.** (عبدالرزاق)

۾ عالم ڪي عبادت جو ثواب بہ وڏيڪ ملندو آهي، جيئن حضرت محمد بن علي رَضِيَ اللّٰهُ تعالي عَنهُمَا کان مروي آهي: "عالِم جون بہ رڪعتون غير عالِم جي ستّر رڪعتن کان افضل آهن." (ڪنزالعمال ج 10 ص 87) تنهنڪري دعوتِ اسلامي جي تمام تعلق رکندڙن بلڪ هر مسلمان لاءِ ضروري آهي تہ اهي اهلسنّت جي عالمن سان هرگز هرگز نہ ٽڪرائن انهن جي ادب ۽ احترام ۾ ڪوتاهي نہ ڪن، اهلسنّت جي عالمن جي تحقير کان ضرور پاسو ڪن. بنا شرعي اجازت جي انهن جي ڪردار ۽ عمل تي تنقيد ڪري گلا جو گناهِ ڪبيره حرام ۽ جهنّم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم نہ ڪن، حضرتِ سيدُنا ابوالحفص الڪبير عَلَيہ رَحمۃُ اللهِ القدير فرمائن ٿا: "جنهن ڪنهن عالِم جي گلا ڪئي تہ قيامت جي ڏينهن ان جي چهري تي لکيل هوندو، هي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان مايوس آهي." (مڪاشفۃُ القلوب، في بيان الغيبۃ، ص 71) حضرت سيدنا ابوذر غفاري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي: "عالِم زمين تي الله عَزَّوَجَلَّ جو دليل ۽ حجّت آهن تہ جنهن عالِم ۾ عيب ڪڍيو اهو هلاڪ ٿي ويو." (ڪنزالعمال ج 10 ص 77) منهنجا آقا اعليٰ حضرت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: "ان (يعني عالِم) جي خطا گيري (يعني ڀُل) ۽ ان تي اعتراض حرام آهي ۽ انهيءَ سبب ديني رهنما کان پري ٿيڻ ۽ اِسۡتِفادهءِ مسائل (يعني مسئلن بابت پڇڻ) ڇڏي ڏيڻ ان جي حق ۾ زهر آهي." (فتاوٰي رضويہ ج 23 ص 711) انهن نادان ماڻهن ڪي ڊڄڻ گهرجي جيڪي ڳالھ ڳالھ تي عالم سڳورن جي باري ۾ حقارت ڀريا جملا چوندا آهن. مثال طور ادا ٿورو ٻچجو ڇو تہ "علّامہ صاحب" آهن، عالم لالچي هوندا آهن، اسان کان سڙن ٿا،

فرمانِ مصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

اسان جي ڪري هاڻي انهن جو ڪو اڳهہ نٿو پڇي، ڇڏ ڇڏ! هي تہ مولوي آهي. (معاذالله عالِم کي ڪجھ ماڻهو حقارت سان چئي ڇڏيندا آهن) "هي ملان ماڻهو!" عالمن (مَعَاذَالله) سنّيت جو ڪو ڪم ناهي ڪيو (ڪڏهن ڪڏهن ناپسنديدگي جو اظهار ڪندي چيو ويندو آهي) فلاڻي جي بيان جو انداز مولوين جهڙو آهي وغيره وغيره. عالِم جي توهين جون صورتون ۽ انهن جي باري ۾ شرعي حڪم بيان ڪندي منهنجا آقا اعلٰي حضرت رَحۡمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا: جيڪڏهن عالِم دين کي ان ڪري بُرو چوي ٿو تہ "هو" عالِم آهي تڏهن تہ صريح ڪافر آهي ۽ جيڪڏهن علم جي سبب ان جي تعظيم فرض سمجهي ٿو پر پنهنجي ڪنهن دنياوي دشمني جي ڪري بُرو چوي ٿو، گار ڏئي ٿو ۽ تحقير ڪري ٿو تہ سخت فاسق ۽ فاجر آهي ۽ جيڪڏهن بنا ڪنهن سبب رنج (يعني بغض) رکي ٿو تہ مَرِيۡضُ الۡقَلۡبِ وَخَبِيۡثُ الۡبَاطِن (يعني دل جو مريض ۽ ناپاڪ باطن وارو) آهي ۽ ان (خوامخواه بُغض رکڻ واري) جي ڪفر جو انديشو آهي، خلاصہ ۾ آهي: "مَنۡ اَبۡغَضَ عَالِمًا مِنۡ غَيۡرِ سَبَبٍ ظَاهِرٍ خِيۡفَ عَلَيۡهِ الۡكُفۡر" (يعني جيڪو بنا ڪنهن ظاهري سبب جي عالِم دين سان بغض رکي ان تي ڪفر جو خوف آهي) (فتاوٰي رضويہ ج 10 ص 140) **شريعت** ۽ علماءِ دين جي تحقِير جا ڪجھ ڪفريہ جملا ۽ انداز جا مثال پيش ڪيا وڃن ٿا، جيڪڏهن مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن ماضي ۾ پنهنجي قول يا فعل سان عالِم جي علمِ دين جي سبب توهين ڪئي هجي تہ هو توبہ ۽ تجديد ايمان ڪري ۽ جيڪڏهن شادي شده آهي تہ تجديدِ نڪاح ۽ ڪنهن جو مريد آهي تہ تجديدِ بيعت بہ ڪري وٺي.

۞ شريعت جي توهين ڪرڻ ڪفر آهي مثلاً چيائين: آئون شرع

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

ورع نٿو ڄاڻان يا جنهن ڪي ڪنهن محتاط عالمِ دين جي فتويٰ پيش ڪئي ويئي هن چيو: آئون فتوي نٿو مڃان يا فتوي زمين تي اُڇلائي ڇڏيائين. (ماخوذ از بهار شريعت حصو 9 ص 172)

۞ مولوي ماڻهو ڇا ٿا ڄاڻن: ”هن (جملي) مان ضرور عالمن جي تحقير نڪري ٿي ۽ علماءِ دين جي تحقير ڪفر آهي.

(فتاوٰي رضويہ ج 6 ص 24)

۞ جيڪو چوي مولوي سڀ بدمعاش آهن يعني سڀني عالمن کي بُرو چوي ان تي ڪفر جو حڪم آهي. (فتاويٰ امجديہ ج 4 ص 454)

۞ ”عالمن ملڪ خراب ڪري ڇڏيو“ ڪفريہ جملو آهي.

(ماخوذ از فتاويٰ رضويہ ج 6 ص115)

۞ هي چوڻ بہ ڪفر آهي تہ ”مولوين دين جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا آهن.“

۞ هي چوڻ تہ ”دين اللّٰه تعالىٰ تہ آسان لاٿو هو مولوين مشڪل ڪري ڇڏيو“ ڪفر آهي ڇو تہ ”اَلاِسْتِخْفَافِ بِالاَشْرَاف والعُلماءِ كُفر“ (يعني سيّدن ۽ علمائن جي تخفيف و تحقير ڪفر آهي) (مجمع الانهٰر ج 2 ص 509)

۞ جيڪو چوي عالم جيڪو علم سيکارين ٿا صرف قصا ڪهاڻيون آهن يا خواهشون آهن يا ڌوڪا آهن يا چيو: آئون حيلن جي علم جو منڪر آهيان يعني شريعت ڪي حيلو چيو اهي سڀئي قول ڪفر آهن.

(فتاويٰ عالمگيري ج 2 ص 270)

۞ جيڪو چوي: ”علم جو ڇا ڪندس ڪيسي ۾ پئسا هئڻ گهرجن“ ائين چوڻ واري تي ڪفر جو حڪم آهي.

۞ ڪنهن عالِم کي چيو: وڃ ۽ علم کي ڪنهن ٿانوَ ۾ سنڀالي ڪري رک. ”اهو ڪفر آهي“ (فتاويٰ عالمگيري ج 2 ص 271)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

ياد رهي! **تعظيم صرف اهلسنّت جي عالمن جي ئي ڪئي ويندي، رهيا بدمذهب علماء** (يعني علماءِ سُوء) **تہ انهن جي پاڇي کان بہ ڀڄو ڇوتہ انهن جي تعظيم حرام، انهن جو بيان ٻڌڻ انهن جي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ ۽ انهن جي صحبت اختيار ڪرڻ حرام ۽ ايمان جي لاءِ زهرِ هلاهل آهي.**

**مدينہ 5:** معمولاتِ اهلسنّت اسان جي سڃاڻپ آهن تنهنڪري ان جي بجا آوري ۾ ڪوتاهي نہ فرمايو، مثال طور

(الف) ربيعُ النُّور شريف ۾ ڌوم ڌام سان جشنِ ولادت ملهايو، پنهنجي گهر ۽ دوڪان وغيره تي ابتدائي 12 ڏينهن چراغان ۽ سڄو مهينو (گاڏين تي بہ) سبز سبز جهنڊا لهرايو. پنهنجي مسجد ۽ محلي وغيره کي بہ برقي جهالرن (لائٽنگ) ۽ سبز سبز جهنڊن سان خوب سجايو، شبِ ولادت (ربيعُ النُّور شريف جي ٻارهين رات) اجتماعِ ذِڪر و نعت ۾ گذارڻ کان بعد هٿن ۾ سبز جهنڊا کڻي بيهي ڪري صبح صادق جي وقت صلٰوة و سلام پڙهندي صبح بهاران جو استقبال ڪريو، 12 ربيعُ النُّور شريف يعني عيد ميلادُ النَّبِي جي ڏينهن مرحبا جون ڌومون مچائيندي جلوسِ ميلاد ڪڍو.

(ب) عيدِ معراجُ النَّبي خلفاءِ راشِدين عَلَيهِمُ الرِّضوان جا ڏيهاڙا، ساليانِي ٻارهين شريف ۽ يومِ رضا جي سلسلي ۾ 25 صفرُ المُظفر تي اجتماعِ ذِڪر و نعت منعقد فرمايو.

(ج) عرسن جي موقعي تي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تعاليٰ جي مزارن سان لڳ مسجدن ۾ مدني قافلا ترسايو، پنهنجي جدول جي مطابق اتي زيارت ڪندڙن ۾ **نيڪي جي دعوت** جون ڌومون مچايو ۽ صاحبِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

عرس جون خوب برڪتون حاصل ڪيو.

**مدينہ 6:** سيني دعوتِ اسلامي وارن کي گهرجي تہ مرڪزي مجلسِ شُوريٰ، پنهنجي ملڪ جي انتظامي ڪابينہ ۽ اتي جي مجلسِ مشاورت ايستائين جو اُتان جي مشاورت جي ذيلي نگران جي شريعتِ مُطَهّره جي دائري ۾ رهي ڪري اطاعت ڪندي دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم ڪندا رهو.

**مدينہ 7:** شيطان غيبتون ڪرائي ڪري دين جي ڪم جو گهڻو نقصان ڪرائيندو آهي. تنهنڪري جيڪڏهن اوهان ڪنهن اسلامي ڀاءُ ۾ برائي ڏسو تہ بلا اجازتِ شرعي ٻين تي ظاهر ڪري غيبت جو ڪبيره گناهہ ڪرڻ جي بجاءِ ممڪن صورت ۾ براهِ راست ان کي نرمي سان اڪيلي ۾ سمجهايو جيڪڏهن ناڪامي ٿئي تہ خاموشي اختيار فرمايو ۽ ان جي لاءِ دعا ڪيو. جيڪڏهن ديني نقصان جو انديشو هجي تہ اڪيلائپ ۾ يا لکي ڪري پنهنجي مشاورت جي ”ذيلي نگران“ جو تعاون حاصل ڪريو جڏهن تہ هو مسئلو حل ڪري سگهندو هجي. نہ تہ شريعت جا تقاضا پورا ڪندي وڏيڪ اڳيان مثلاً پنهنجي مشاورت جي ”حلقہ نگران“ جيڪڏهن اهو بہ حل نہ ڪري سگهي تہ علاقائي مشاورت جي نگران، پوءِ ڊويزن مشاورت جي نگران پوءِ ملڪ جي انتظامي ڪابينہ جي نگران سان رجوع ڪريو، ياد رکو! جيڪڏهن اوهان شرعي مصلحت جي بغير ڪنهن هڪ سان چاهي اهو ڪيترو بہ وڏو ذميدار هجي ان اسلامي ڀاءُ جي برائي بيان ڪئي تہ هي گناهہ جو ڪم آهي. ۽ جيڪڏهن اوهان جي ڪري ڳالهہ عام ٿي ويئي ۽ علائقي ۾ تنظيمي مسئلا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

پيدا ٿي ويا ۽ سنّتن جي مدني ڪم کي نقصان پهتو تہ اوهان جي ڪنڌ تي دين جي ڪم ۾ فساد برپا ڪرڻ جو الزام ۽ دردناڪ عذاب جا اوهان مستحق ٿيندا.

**مدينہ 8:** سنّتن ڀريي اجتماعن وغيره ۾ بيان ڪرڻ جون بہ صورتون هونديون.

(الف) اهي مبلّغ جيڪي علم و عمل ۾ ممتاز هوندا ۽ تبليغِ دين جون ڀرپور صلاحيتون رکندا هوندا (مثلاً درسِ نظامي ڪري ورتي هجي، ۽ مطالعو وسيع هئڻ سان گڏوگڏ حافظو بہ قوي هجي ۽ شرعي غلطيون نہ ڪندا هجن) انهن کي زباني بيان ڪرڻ جي اجازت آهي.

(ب) اُهي مبلّغ جيڪي علم ۾ ممتاز نہ آهن اهي اهلسنّت جي عالمن جي ڪتابن مان ضرورت مطابق فوٽو ڪاپيون ڪرائي پنهنجي ڊائري ۾ لڳائي ڪري ان کي ڏسي ڪري مِن و عَن (جيئن لکيل آهي تئين) بيان ڪن.

اے ربِّ محمد بہرِ رضا، عطار کی ہو مقبول دعا

ہر ''دعوتِ اسلامی والا'' سنّت کا علم لہراتا رہے

**اُمين بجاه النّبي الامين** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# دعوتِ اسلامي جا 81 شعبا

مجلس گوشت فروش، مجلس تعميرات، مجلس فيضانِ مدينہ، مجلس مدني آئمۂ ڪرام، مجلس رابطہ (اسلامي ڀينرون) اهي مجالس جلد ئي عمل ۾ اچڻ واريون آهن.

## تبليغي ۽ اصلاحي خدمتون

{1} مدني انعامات {2} مدني قافلہ {3} مجلس بيرونِ ملڪ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

## اجتماعي ۽ تربيتي خدمتون

{4} مدني تربيت گاهون {5} مجلس هفتيوار اجتماع {6} مجلس تربيتي اجتماعات براءِ بيرونِ ملڪ {7} اجتماعي اعتڪاف (رمضان 30، 10 ڏينهن) {8} مجلس حج ۽ عمرو {9} مدني مذاڪرو

## علمي خدمتون

{10} جامعة المدينہ (للبنين) {11} جامعةُ المدينہ (للبنات) {12} مدرسة المدينہ (للبنين) {13} مدرسةالمدينہ ڪورسز {14} مدرسة المدينہ (للبنات) {15} مدرسة المدينہ (بالغان) {16} مدرسةالمدينہ (بالغات) {17} مدرسة المدينہ آن لائن {18} دارُالمدينہ (للبنين) {19} دارالمدينہ (للبنات) {20} دارُالافتاء اهلسنت {21} دارالافتاء اهلسنّت هٿو هٿ {22} تخصص في الفقہ {23} تَخَصُّص في الفُنُون {24} مجلس تَوقِيت {25} مجلس تحقيقاتِ شرعيہ {26} مختلف ڪورسز (مدني انعامات و مدني قافلہ ڪورس، قفلِ مدينہ ڪورس، مدني تربيتي ڪورس وغيره)

## ابلاغي خدمتون

{27} المدينة العِلمية {28} مجلسِ تراجم {29} مڪتبة المدينة {30} مڪتبة المدينہ جا بستا {31} مدني چينل {32} مجلس آئي ٽي {33} مجلس مووي ريلي

## معاشرتي خدمتون

{34} شعبہٴ تعليم {35} مجلس ڪورسز براءِشعبہٴ تعليم {36} مجلس خصوصي اسلامي ڀائر {37} مجلسِ جيل {38} مجلس تاجران {39} مجلس وُڪلاء {40} مجلس ذرائع آمد و رفت (ٽرانسپورٽ) {41} مجلس ڊاڪٽرز {42} مجلس هوميوپيٿڪ ڊاڪٽرز {43} مجلس وٽنري ڊاڪٽرز

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

(جانورن جا ڈاڪٽر) {44} حڪيم مجلس {45} مجلس ڪيل {46} مجلس عُشر و اطراف ڳوٺ {47} مجلس رابطہ {48} مجلس رابطہ بالعلماء والمشائخ {49} مجلس مزارات اولياء {50} مجلس نشر و اشاعت {51} مجلس گوشت فروش

## فلاحي خدمتون

{52} مجلسِ خُدامُ المساجد {53} آئمہٴ مساجد {54} مدني آئمہٴ ڪرام {55} مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ {56} مجلس علاج {57} ايصالِ ثواب {58} مجلس لنگرِ رسائل {59} مجلس خير خواهي (زلزلو ۽ سيلاب زدگان وغيره) {60} مجلس ايچ. آر {61} مجلس امامت ڪورس {62} لنگرِ رضويه

## انتظامي خدمتون

{63} مجلس ماليات {64} مجلس اثاثہ جات {65} مجلس اجاره {66} مجلس حفاظتي امور {67} مجلس فيضانِ مدينہ (مدني مراڪز) {68} مجلس تعميرات {69} مجلس ڪارڪردگي {70} مجلس مدني عطيات بڪس {71} مجلس مدني بهارون {72} مجلس فيضانِ مُرشد

## اسلامي ڀينرن جا شعبا

{73} مجلس مدني ڪم براءِ اسلامي ڀينرن ({74} مجلس فيضانِ مُرشد {75} مجلس شعبہٴ تعليم {76} مجلس خصوصي اسلامي ڀينرون {77} مجلس مدني انعامات {78} مجلس ڪورسز {79} مجلس تعويذاتِ عطاريہ {80} مجلس حفاظتي اُمُور {81} مجلس رابطہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

